# تلاوتِ قرآن ۽ مسلمان

**24-May 2018**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ ڪان پهريان گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# تلاوتِ قرآن ۽ مسلمان

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

## دُرُود شريف جي فضيلت

**نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: توهان پنهنجن مجلسن کي مون تي دُرُود پاڪ پڙهي سينگاريوَ ڇوته اوهان جو مون تي دُرُود پڙهڻ بروزِ قيامت توهان لاءِ نُور هوندو۔**

(فردوس الاخبار،١/ ٤٢٢، حديث: ٣١٤٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي.**

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.**

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندَس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندَس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ۞

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهه ٻُدَندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ملائڪ تلاوت ٻڌڻ ايندا رهيا

حضرت سَيدُنا ابو سَعِيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا تہ حضرت سَيدُنا اُسَيد بن حُضَير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ هڪ رات پنهنجي اِصطبل(گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ) ۾ قرآنِ مجيد جي تلاوت فرمائي رهيا هئا تہ سندن گهوڙو اچلڻ لڳو- انهن ٻيهر قرآنَ جي تلاوت شروع ڪئي تہ گهوڙو ٻيهر اُچلڻ لڳو، ٽئين ڀيري بہ ائين ئي ٿيو- حضرت سَيدُنا اُسَيد بن حُضَير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہ فرمائن ٿا تہ مون کي خدشو ٿيو تہ ڪٿي گهوڙو (منهنجي پٽ) کي نہ چيپاٽي ڇڏي، تنهنڪري مان گهوڙي کي پڪڙڻ جي لاءِ ٻينس تہ مون ڏٺو تہ منهنجي مٿي تي هڪ ڇٽي سايوڪري ٻيني آهي جنهن ۾ چراغ روشن آهي، پوءِ اها فضا ۾ گم ٿي منهنجي نگاهن کان غائب ٿي وئي- صبح جي وقت مان سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ

۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارَسُولَ اللهﷺ! مان گذريل رات پنهنجي اِصطبل ۾ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪري رهيو هئس تہ منهنجو گهوڙو اُڇلڻ لڳو- جڏهن مان ٻاهر آيس تہ مون پنهنجي مٿي تي هڪ ڇٽي ڪي سايو ڪندي ڏٺو جنهن ۾ چراغ رو شن هئا، پوءِ اها فَضا ۾ بُلند ٿيندي وئي ايستائين جو منهنجي نگاهن کان پري ٿي وئي، ان وقت (مهنجو پٽ) گهوڙي جي ويجهو هو مون کي خوف محسوس ٿيو تہ ڪٿي گهوڙو ان کي چيپاٽي نہ ڇڏي- اهو ٻڌي تاجدارِ رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: اهي ملائڪ هئا جيڪي تنهنجي قِرأت ٻڌڻ جي لاءِ آيا هئا جيڪڏهن توهان تلاوت ڪندا رهو ها تہ صبح ماڻهو انهن کي ڏسن ها ۽ انهن مان ڪو بہ پوشيده نہ رهي ها-
(مسلم،کتاب صلاة المسافرين،باب نزول السكينة...الخ،رقم:٧٩٦،ص ٣١١ ملتقطاً)

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوضو میں سدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوت جي فضيلت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ جنهن هنڌ تي قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي ويندي آهي اتي رَحمَت جي ملائڪن جو نُزول ٿيَندو آهي، ان هنڌ تي الله پاڪ جي رَحمتن جي برسات ٿيندي آهي، تلاوتِ قرآن جي برڪت سان آس پاس رهڻ واري مَخلوق کي قُدرت جا نَظارا بہ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جيئن تہ اوهان ٻڌو تہ هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه تلاوت ڪندو رهيو ۽ سندن گهوڙو ملائڪن جو نَظارو ڪندو رهيو ۽ اُن صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه بہ هڪ روشن چراغ جي صورت ۾ ملائڪن کي ملاحظ فرمايو- ياد رکو! قرآنِ ڪريم الله پاڪ جو نهايت ئي مبارڪ ۽ با برڪت ڪلام آهي، هن جو پڙهڻ، پڙهائڻ، ٻڌڻ، ٻڌائڻ سڀ ثواب جا ڪم آهن نہ صرف ان جي تلاوت ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي بلڪ ان جي زيارت ڪرڻ بہ عبادت آهي جيئن تہ

حديثِ پاڪ ۾ آهي:اَلنَّظْرُ فِي الْمُصْحَفِ عِبَادَةٌ يعني قرآنِ مجيد کي ڏسڻ عبادت آهي-(شعب الايمان،باب في بر الوالدين، ۶/۱۸۷، حديث: ۷۸۶۰) اهو ئي سبب آهي ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وقت بوقت پنهنجي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ۽ ڪوڙ حديث سڳورين ۾ ان جون فَضيلتون بہ بيان ڪيون آهن- جيڪي ماڻهو ڪثرت سان قرآنِ پاڪ پڙهندا آهن انهن تي اِنعاماتِ خُداوندي جي ڪهڙي ڇماڇم برسات ٿيندي آهن، اچو! هن باري ۾ ٿي (3) حديث سڳوريون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿيون،

## جنتي لباس پارايو ويندو

1. ارشاد فرمايائون: قيامت جي ڏينهن قرآن پڙهڻ وارو ايندو تہ قرآن عرض ڪندو: يا ربّ ڪريم! هن کي حُلَّہ (يعني جنتي لباس) پاراءِ، تہ هن کي ڪرامت جو حُلّو (يعني بزرگي وارو جنتي لباس) پارايو ويندو، وري قرآن عرض ڪندو: يا ربّ ڪريم! ان ۾ اضافو فرماءِ، تہ ان کي ڪرامت جو تاج پارايو ويندو، وري قرآن ڪريم عرض ڪندو: يا رب ڪريم! ان سان راضي ٿي وڃ، تہ الله پاڪ ان سان راضي ٿي ويندو، پوءِ قرآن پڙهڻ واري کي چيو ويندو: قرآن پڙهندو وڃ ۽ جنت جا درجا طئي ڪندو وڃ ۽ هر آيت تي ان کي هڪ نعمت ڏني ويندي. (ترمذي،ڪتاب فضائل القرآن،باب ما جآء في من قرأ ...الخ، ۴/۴۱۹، حديث:۲۹۲۴)

## خزاني کان افضل

2. ارشاد فرمايائون: الله پاڪ قرآن ٻُڌڻ واري کان دنيا جون مصيبتون پري ڪندو آهي ۽ قرآن پڙهڻ واري کان آخرت جون مصيبتون پري ڪندو آهي- قرآنِ پاڪ جي هڪ آيت ٻڌڻ سون جي خزاني کان بهتر آهي، ان جي هڪ آيت پڙهڻ عرش جي هيٺ موجود سمورين شين کان افضل آهي-(مسند الفردوس، ۵/۲۵۹ ، حديث: ۸۱۲۲)

## هڪ اکر تي ڏهہ نيڪيون

3. ارشاد فرمايائون: جيڪو شخص ڪتابُ الله جو هڪ اکر پڙهندو، ان کي

هڪ نيڪي ملندي جيڪا ڏهن جي برابر هوندي- آئون اهو نہ ٿو چوان الٓمّٓ هڪ اکر آهي، بلڪ اَلِف هڪ اکر، لام هڪ اکر ۽ ميم هڪ اکر آهي-
(ترمذي، ڪتاب فضائل القرآن،باب ما جآء في من قرأ ...الخ،۴/۴۱۷، حديث:۲۹۱۹)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل احاديثِ مبارڪہ مان معلوم ٿيو تہ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ ٻُڌڻ سان دنياوي مصيبتون، پريشانيون پري ٿينديونَ آهن، مسلمان تڪليفن (Troubles) ۽ بلائن کان محفوظ رهندا آهن، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ دنياوي مال ۽ دولت کان بهتر آهي بلڪ قرآنِ پاڪ جي هڪ اکر پڙهڻ تي 10 نيڪين جو ثواب ملندو آهي- ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ جيڪي ماڻهو الله پاڪ جو ڪلام پڙهندا رهندا آهن انهن جي دلين کي سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿيندو آهي، اهڙن خوش نصيب ماڻهن تي انوار و تجليات جي ڇما ڇم برسات ٿيندي آهي، آخرت ۾ انهن کي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو آهي ايستائين جو انهن کي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ مُطابق جنت جا درجات طِئي ڪرايا ويندا- تنهنڪري اسان کي روزانو وقت ڪڍي خُوش دِلي سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ جي عادت (Habit) بڻائڻ گهرجي تہ جيئن اسان بہ قرآنِ پاڪ جون برڪتون حاصل ڪري سگهون-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوت جو ذوق ۽ بُزُرگانِ دِين

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جي بُزُرگ سڳورن سڄي زندگي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن تي عمل ڪندي گُذاري، اهي خوش نصيب فرضن جي ادائيگي سان گڏوگڏ سُنَّت ۽ مُستَحَبّ بہ پابندي سان اَدا ڪندا هئا، شوق ۽ مَحَبَّت سان خوب شب بيداري ڪندا ها(يعني رات جو جاڳي ڪري الله پاڪ جي عبادت ڪندا ها)، ڏينهن جو روزو ۽ راتين ۾ قيام ڪندا ها، اهي نيڪ سيرت ماڻهو پاڻ بہ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪثرت سان ڪندا ها ۽

ماڻهن کي بہ قرآنِ پاڪ جي تعليم ڏيندا ها، اچو! ترغيب لاءِ بُزُرگ سڳورن جا ڪجھ واقعا ٻڌون ٿيون تہ جيئن اسان جو بہ ذهن بڻجيءِاسان بہ بزرگانِ دين جي نقشِ قدم تي هلندي وڌ کان وڌ تلاوتِ قرآنِ ڪريم ڪرڻ واريون ۽ ٻين کي پڙهائڻ واريون بڻجي وڃون.

## عبادت ۽ رياضت ڏسي قبول اسلام

امير المومنين حضرت سَيدُنا ابوبڪرصديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه ابتداءِ اسلام ۾ پنهنجي گهر جي صحن ۾ هڪ مسجد ٺاهي هئي، جتي پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه قرآنِ پاڪ جي تلاوت ۽ نماز پڙهندا هئا، ماڻهو اهو پرڪيف منظر ڏسي سندن جي چوڌاري گڏ ٿي ويندا هئا، سندن جي تلاوتِ قرآن، عبادت و رياضت ۽ خوفِ خدا ۾ روئڻ ماڻهن کي تمام گهڻو متاثر ڪندو هو، سندن هن عمل سبب ڪيئي ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيا- (الرياض النضرة، ٩٢/١)

## صحابہ ڪرام جو اندازِ تلاوت

حڪيمُ الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: (اميرالمومنين) حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه هڪ رات ۾ ختمِ قرآن ڪندا هئا- حضرت سَيدُنا داؤد عَلَيْهِ السَّلَام ڪجھ منٽن ۾ زبور ختم ڪندا هئا- (مرآۃالمناجیح ،٢٧٠/٣) حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه گهوڙي تي سوار ٿيڻ مهل هڪ پير رِڪاب ۾ رکندا هئا ۽ قرآنِ مجيد شروع ڪندا هئا ۽ ٻيو پير

رِڪاب ۾ رکي گهوڙي جي زين(سنج) تي ويهڻ تائين ايتري دير ۾ هڪ قرآنِ مجيد ختم ڪندا هئا-(شواهد النبوة، رڪن سادس دربيان شواهد ودلايلي...الخ، ص٢١٢)

## واھ ڇا ڳالھ ڪجي عاشقِ قرآن جي

حضرتِ سَيِدُنا ثابِت بُناني رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ روزانو هڪ ڀيرو قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا- پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سدائين ڏينهن جو روزو رکندا ۽ سڄي رات قِيام (يعني عبادت) ڪندا هئا، جنهن مسجد وٽان لنگهندا هئا ان ۾ ٻه رڪعتون "تَحِيَّةُ المسجِد" ضرور پڙهندا هئا- تحديثِ نعمت طور فرمائن ٿا: مون جامع مسجد جي هر ٿنڀي وٽ قرآن شريف جو ختمو ڪيو ۽ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ گريہ و زاري ڪئي آهي- نماز ۽ تِلاوت سان ڪين خصوصي محبت هئي، سندن اهڙو تہ ڪرم ٿيو جو رشڪ اچي ٿو، منقول آهي: جڏهن بہ ماڻهو سندن مزارِ پرُ انوار جي ويجهو ڪان گذرندا هئا تہ قبر مبارڪ مان تلاوت جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو-

-(حلية الاولياء،٢ /٣٦٤- ٣٦٦ ملتقطاً و ملخصاً)

جَبیں میلی نہیں ہوتی دَھن میلا نہیں ہوتا
غلامانِ محمد کا کفن میلا نہیں ہوتا

## قرآن جي تلاوت ڪرڻ ۾ مقابلو

حضرت سَيِدُنا شيخ بَهاءُالدِّين زڪريا ملتاني رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هڪ (ڀيري) رات جي وقت پنهنجي دوستن کيَ ارشاد فرمايائون: توهان مان ڪو اهڙو شخص

آهي جيڪو اڄ جي رات بہ (2) رڪعت نماز پڙهي ۽ هڪ رڪعت ۾ مڪمل قرآن شريف پڙهي- اتي موجود حاضرين مان ڪنهن کي همت نہ ٿي- شيخ بهاءُ الدّين زڪريا رَحۡمَۃُ اللّٰہ تعالٰی عَلَیۡہِ پاڻ بيٺا ۽ بہ (2) رڪعت نماز شروع ڪئي- پهرين رَڪعت ۾ سڄو قرآنِ ڪريم ۽ چار (4) سيپارا وڌيڪ تِلاوت ڪئي ۽ ٻي رڪعت ۾ سوره اخلاص پڙهي ۽ نماز مڪمل ڪئي-

(فواد الفوائد مترجم، پانچویں مجلس،ص۶۲ **ملخصاً**)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!بيان ڪيل بُزُرگانِ دين جي واقعن مان معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪيتري قدر شوق ۽ محبت سان تلاوت ڪندا هئا، ڏينهن رات ربّ ڪريم جو ڪلام پڙهندا رهندا هئا، الله پاڪ جي ڪلام سان ايتري قدر مَحَبَّت هئي جو ڪجھ ئي دير ۾ سڄي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا- پر افسوس! اڄ مسلمانن جي اڪثريت قرآنِ پاڪ جي تعليم کان اڻ ڄاڻ آهي، ڪن نادانن کي قرآنِ پاڪ ڏسي پڙهڻ بہ نٿو اچي، جن کي پڙهڻ اچي ٿو اهي بہ سالن تائين قرآنِ پاڪ کولي نٿا ڏسن، ڪيئي ڪيئي مهينا (Months) گذري ويندا آهن پر مسلمانن جا گھر تلاوت جي برڪت سان محروم رهندا آهن- اچو! اسان نِيّت ڪيون تہ اڄ کان هنن حديث سڳورين تي عمل ڪندي ان نيڪ سيرت ماڻهن جي اَدائن کي اپنائيندي اسان پاڻ بہ قرآنِ پاڪ پڙهنديون سين ۽ ٻين اسلامي ڀينرن کي بہ قرآنِ پاڪ پڙهڻ جي ترغيب ڏيارينديون سين-

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تعليم قرآن کي عام ڪرڻ جي لاءِ دُنيا جي مختلف مُلڪن ۾ اڪثر گهرن جي اندر تقريباً روزانو هزارين مدرسا بنام مدرَسة المدينہ (بالِغات) بہ لڳايا ويندا آهن جنهن ۾ اسلامي ڀنيرون قرآنِ پاڪ، نَماز ۽ سُنّتن جي مُفت تعليم حاصل ڪنديون ۽ دُعائون ياد ڪنديون آهن-

عطا ہو شوق مولیٰ مدرَسے میں آنے جانے کا

خدایا ذوق دے قرآن پڑھنے اور پڑھانے کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! قرآن عظيم اهو مُبارڪ ڪتاب آهي جو جنهن ۾ الله پاڪ ڪيئي اَحڪام نازل فرمايا آهن، انهن مان ڪجھ احڪام اهي آهن جن تي مسلمانن کي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي مثال طور نماز پڙهڻ، زڪوٰة ادا ڪرڻ، رَمضانُ المبارڪ جا روزا رکڻ، اِستِطاعت هئڻ جي صورت ۾ حج اَدا ڪرڻ، والدين جا حق (Rights) ادا ڪرڻ ۽ انهن سان حُسنِ اخلاق سان پيش اچڻ، رشتيدارن سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ، عورتن جو شرعي پردو ڪرڻ، مسلمانن کي سلام ڪرڻ، انهن سان نرمي اختيار ڪرڻ جي علاوه ٻيا ڪوڙ احڪام آهن جن تي عمل جو حڪم ڏنو ويو آهي جڏهن تہ چوري ڪرڻ، بدڪاري ڪرڻ، وياج کائڻ، شراب پيئڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، ناجائز ڏيتي ليتي ڪرڻ، بلا وجہ ڪنهن تي غُصّو ڪرڻ، ڪنهن کي بُرن لقبن سان پُڪارڻ جي علاوه مزيد ڪيئي بُرن ڪمن کان بچڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي- مطلب تہ هن پاڪيزه ڪتاب يعني قرآن ڪريم ۾ انهن سيني شين جو بيان موجود آهي جن تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان مسلمانن کي نہ صرف دنيا ۾

فائدو پهچندو آهي بلڪ اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ آخرت ۾ بہ ان جو تمام گهڻو اَجر ۽ ثواب ملندو- تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هنن احڪامن تي خُوش دِلي

۽ پابندي سان عمل ڪريون تہ جيئن دنيا ۽ آخرت سنورجي وڃي، اچو! هن باري ۾ سيپاري 8 سُوْرَۃُ الْاَنْعَام جي آيت نمبر 155 ۾ ارشادِ خداوندي ٻڌو، جيئن ارشاد آهي :

| | | |
|---|---|---|
| وَ هٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَ اتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۱۵۵﴾ | | **ترجَمو ڪنز الايمان:** ۽ هِي برڪت وارو ڪِتاب نازل ڪيوسِين پوءِ توهان اُن جِي پيروِي ڪريو ۽ پرهيزگار ٿيو مَن توهان تي رحم ڪيو وڃي. |

## اُمت تي قرآنِ مجيد جو حق

بيان ڪيل آيت سڳوري تحت "تفسيرِ صراطُ الْجِنان" جلد 3 صفحي 247 تي آهي: هن (آيت) مان معلوم ٿيو تہ امت تي قرآنِ مجيد جو هڪ حق هي آهي تہ اهي هن مبارڪ ڪتاب جي پيروي ڪن ۽ هن جي احڪام جي خلاف ورزي ڪرڻ ڪان بچن- افسوس! اڄوڪي دور ۾ قرآنِ ڪريم تي عمل (ڪرڻ) جي لحاظ سان مسلمانن جو حال نہ ٻڌائڻ جي لائق آهي، اڄ مسلمانن هن ڪتاب جي روزانو تلاوت ڪرڻ جي بدران ان کي گهرن ۾ جُزدان ۽ غِلاف جي زينت بڻائي ۽ دُڪانن تي ڪاروبار ۾ برڪت جي لاءِ رکيو آهي ۽ تلاوت ڪرڻ وارا بہ صحيح طريقي سان تلاوت نہ ٿاڪن ۽ نہ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ الله ڪريم هن ڪتاب ۾ انهن جي لاءِ ڇا فرمايو آهي- تاريخ شاهد آهي تہ جيستائين مسلمانن هن مُقَدَّس ڪتاب کي سيني سان لڳائي هن کي احتياط سان رکيو ۽ ان جي دَستُور ۽ قانونن (Rules) ۽ اَحڪامن تي سختي سان عمل ڪندا رهيا تيستائين سڄي دنيا ۾ انهن جي شوڪت جي هاڪ هئي ۽ غيرن

جي دل مسلمانن جو نالو ٻڌي ڏکڻ لڳندي هئي ۽ جڏهن کان مسلمانن قرآنِ عظيم جي احڪامن تي عمل ڇڏي ڏنو آهي تڏهن کان اهي سڄي دنيا ۾ ذليل ۽ خوار ٿي رهيا آهن ۽ غيرن جا محتاج بڻجي ويا آهن- (صراط الجنان، ۳/۲۴۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل آيت سڳوري ۽ ان جي تفسير مان معلوم ٿيو ته قرآنِ ڪريم جي احڪامن تي عمل نه ڪرڻ جو دُنيوي نُقصان ته پنهنجي جڳهه، اُخروي نُقصان به اِنتهائي شديد آهي، يقيناً جنهن پنهنجي زِندگي ۾ الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي احڪامن تي عمل ناهي ڪيو، الله ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي راضي نه ڪيو اهو دنيا ۾ به ذليل ۽ خوار ٿيندو ۽ آخرت ۾ به ان جي سخت پڪڙ ٿيندي-

## فتنن کان بچڻ جو طريقو

امير المومنين حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ، شيرِخدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: عنقريب هڪ فتنو پيدا ٿيندو- مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ان کان بچڻ جو طريقو ڇا هوندو؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: الله تعاليٰ جو ڪتاب، جنهن ۾ توهان کان اڳ وارن ۽ بعد وارن جون خبرون آهن ۽ توهان جا

آپس(پاڻ) جا فيصلا آهن، قرآن فيصلو ڪندڙ آهي ۽ اهو ڪو مذاق نہ آهي- جيڪو ظالم ان کي ڇڏي ڏيندو الله تعاليٰ ان کي تباھ ڪندو ۽ جيڪو ان جي غير ۾ هدايت ڳولهيندو الله تعاليٰ ان کي گمراھ ڪندو، اهو الله تعاليٰ جي مضبوط رَسّي ۽ حڪمت وارو ذڪر آهي، اهو سڌو رستو آهي، قرآن اهو آهي جنهن جي برڪت سان خواهشات بگڙجندي ناهي، ٻيون زبانون گڏجي ان کي مشڪوڪ نہ ٿيون بڻائي سگهن، جنهن ڪان عالم بي پروا نہ ٿا ٿين، جيڪو گهڻو دُهرائڻ سان پراڻو ناهي ٿيندو، جنهن جا عجائبات ختم نٿا ٿين، قرآن ئي اهو آهي جو جڏهن ان کي جِنّن ٻڌو تہ اهو چوڻ ڪان بغير نہ رهي سگهيا تہ اسان عجيب قرآن ٻڌو آهي جيڪو چڱائي جي رهبري ڪندو آهي پوءِ اسان ان تي ايمان آندو، جيڪو قرآن جو قائل هجي اهو سچو آهي، جنهن هن تي عمل ڪيو اهو ثواب ماڻيندو، جيڪو هن جي مطابق فيصلو ڪندو اهو انصاف ڪرڻ وارو هوندو ۽ جيڪو هن ڏانهن سڏي تہ ضرور اهو سڌي راھ ڏانهن سڏيو ويو-(ترمذي، ڪتاب فضائل القرآن، باب ما جاء في فضل القرآن، ۴/۴۱۴، حديث: ۲۹۱۵ ملتقطاً)

## قرآني احڪامن تي عمل جي ترغيب

حضرت علامہ اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي ڪتابن مان مقصد ان جي تقاضن جي مطابق عمل ڪرڻ آهي، نہ هي تہ رڳو زبان سان بِالتَّرتيب ان جي تلاوت ڪرڻ- ان جو مثال هي آهي تہ جڏهن ڪو بادشاھ

پنهنجي سلطنت جي ڪنهن حڪمران ڏانهن ڪو خط موڪلي ۽ ان ۾ حڪم ڏي ته فلاڻي فلاڻي شهر ۾ ان جي لاءِ هڪ محل تعمير ڪيو وڃي ۽ جڏهن اهو خط ان حڪمران تائين پهچي ته هو ان ۾ ڏنل حڪم جي مطابق محل تعمير نه ڪري البت ان خط کي روزانو پڙهندو رهي، ته جڏهن بادشاهه اتي پهچندو ۽ محل تعمير ٿيل نه ڏسندو ته ظاهر آهي ته هو حڪمران عتاب بلڪ سزا(Punishment) جو حقدار ٿيندو ڇو ته ان بادشاهه جو حڪم پڙهڻ جي باوجود ان تي عمل نه ڪيو پوءِ قرآن به انهيءَ خط جيان آهي جنهن ۾ الله پاڪ پنهنجن ٻانهن کي حڪم ڏنو ته هو دين جي ارڪان جيئن نماز ۽ روزو وغيره جي تعمير ڪن ۽ ماڻهو فقط قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا رهن ۽ الله پاڪ جي حڪم تي عمل نه ڪن ته انهن جو فقط قرآنِ مجيد جي تلاوت ڪندو رهڻ حقيقي طور تي فائديمند ناهي- (روح البيان، البقرة، تحت الآية: ١، ٦٤/١٥٥،ملخصاً)

## قرآن جا احڪام ۽ اسان جي حالت

”تفسيرِ صراطُ الجنان“ جلد 3 صفحي 467 تي آهي: قرآنِ مجيد جي اَحڪام تيِ عمل جي سلسلي ۾ اسان پنهنجي اَسلاف (بُزرگن) جي حال ۽ پنهنجي حال جي ڀيٽ ڪريون ته موجوده دَور ۾ مسلمانن جي مجموعي صورتِ حال تمام گهڻي تشويشناڪ نظر اچي رهي آهي ڇوته اڄڪلهه مسلمان قرآنِ مجيد تي عمل ڪان گهڻو پري ٿي چڪا آهن ۽ دنيا جي نعمتن ۽ رنگينين تي مطمئن نظر اچي رهيا آهن-

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم”مدني دورو“ بہ آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان بہ ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم”مدني دورو“ بہ آهي. جنهن جي ذريعي اسلامي ڀينرن کي گهر گهر وڃي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي. هفتي جو ڪو هڪ ڏينهن مقرر ڪري جڳهہ بدلي بدلي ”مدني دوري جي ذريعي“ نيڪي جي دعوت جي سعادت حاصل ڪيو. گهٽ مان گهٽ 17 اسلامي ڀينرون(جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڏي عمر واري ضرور هجي) پنهنجي ذيلي حلقي يا حلقي جي اطراف ۾ (پردي جي احتياط سان گڏ) گهر گهر وڃي 72 منٽ”مدني دوري“ جي ترڪيب بڻايو. ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو اچو دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي جي هڪ مدني بهار ٻڌو جيئن تہ

## نمازون پابنديءَ سان پڙهڻ لڳيون

تحصيل يزمان(بهاولپور،پنجاب، پاڪستان) ۾ مقيم اسلامي ڀيڻ کي جيستائين دعوت اسلامي جو مدني ماحول نہ مليو هو، شيطان جي فريب ان کي هدايت کان ڀٽڪائي رکيو هو ۽ دنيا جي فاني شين کي ان جي سامهون سينگاري چڙيو هو. حقيقي معنيٰ ۾ ڇا چڱو ۽ ڇا برو آهي، قبر ۽ آخرت جي ڀلائي ڪهڙن ڪمن ۾ پوشيده آهي ان جو شعور ان کي هڪ اسلامي ڀيڻ ڏياريو جنهن کي دعوت اسلامي جي مدني تربيت ڏنل هئي. اسلام جي خاصيتن مان هي بہ آهي تہ جيڪو پاڻ لاءِ پسند ڪيو وڃي اهو ئي ڀين جي لاءِ بہ پسند ڪيو وڃي تنهنڪري اسلامي تعليم حاصل ڪندڙ هن اسلامي ڀيڻ ان نئين اسلامي ڀيڻ کي بہ مدني ماحول ۾ اچڻ ۽ پنهنجي زندگي کي قرآن ۽ سنت جي راهہ تي هلائڻ جو مدني ذهن ڏنو ۽ ان ڪم جي آغاز ڪرڻ جي لاءِ هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو مدني مشورو ڏنو. هن جي ان نيڪي جي دعوت تي ان جو دل نيڪي ڏانهن مائل ٿي ويو، اهڙي طرح ان جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو سبب بڻجي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اجتماع ۾ شريڪ ٿيون ۽ اتي ٿيڻ واري ذڪر ۽ دعا جي برڪتن سان اهي خوب خوب فيضياب ٿيون. ان اجتماع جي برڪت سان ان جي دل ۾ هدايت جو ٻوٽو پيدا ٿي ويو،

جيڪو آهستہ آهستہ مدني ماحول جي پاڪيزه فضائن ۾ پروان چڙهندو ويو، پوءِ هڪ ڀيرو جڏهن ان شيخ طريقت اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو عبرت ناڪ بيان بنام”ڳانن باجن جون هولناڪيون) ٻڌو، جنهن جو اثر ڪجهہ ائين ظاهر ٿيو جو ان ڪي پنهنجي سمورن گناهن کان توبهہ جي توفيق ملي وئي، پردي ڪرڻ جي عادت ان ۾ شامل ٿي وئي ۽ سنّتِ رسول سان محبت ان جي رڳ رڳ ۾ شامل ٿي وئي. پنج ئي نمازون پابنديءَ سان پڙهڻ لڳيون ۽ آخرت لاءِ اجر جمع ڪرڻ لڳيون ” اَمْر بِالْمَعرُوف و نَهْیٌ عَنِ الْمُنْكَر“ جو اهڙو جذبو پيدا ٿيو جو تنظيمي ترڪيب جي مطابق تحصيل مشاورت جي ذميداري جي منصب تي وڃي پهتيون ۽ اسلاف جي سنت تي عمل ڪندي دين جي خدمت جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيون آهن.(اداڪاري جو شوق ڪيئن ختم ٿيو،ص21)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوتِ قرآن جو حڪم ۽ قرآن شريف جا تقاضا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جهڙي طرح اسان کي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ ترغيب جي لاءِ احاديثِ مُبارڪہ ۾ ان جو گهڻيون فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن اهڙي طرح اسان کي ان جي اَحڪامن تي عمل ڪرڻ جو بہ حڪم ڏنو ويو آهي ۽ جيڪي ماڻهو قرآنِ پاڪ ۾ بيان ڪيل احڪامن تي عمل نٿا ڪن انهن جي لاءِ عذابات جون سخت وعيدون بہ بيان ٿيون آهن- اسان کي گهرجي تہ قرآنِ پاڪ جي تلاوت سان گڏوگڏ ترجمو ڪنزالايمان ۽ ان سان گڏ تفسير صراطُ الجنان/ خزائنُ العرفان يا نُورُالعرفان جو مُطالعو (Study) بہ ڪريون ڇوتہ قرآن ۾ غور وفڪر ڪرڻ ان کي سمجهڻ

**ٻہ اعليٰ درجي جي عبادت آهي، امام غزالي** رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه **فرمائن ٿا تہ هڪ آيت سمجهي ۽ غور و فڪر ڪري پڙهڻ بغير غور و فڪر ڪري پورو قرآن پڙهڻ ڪان بهتر آهي-** (احياء العلوم، ڪتاب التفڪر، بيان مجاري الفڪر، ١٧٠/٥) **اچو! قُرآني اَحڪامن تي عمل نہ ڪرڻ وارن جو قبر ۾ ڪهڙو انجام ٿيندو آهي ان باري ۾ هڪ عبرت ناڪ حڪايت ٻڌو، جيئن**

## مصر جو بادشاه

**حضرت سَيدُنا محمد بن علي مراداني** رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه **فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان** (بادشاه مصر) **" احمد بن طولون" جي قبر وٽان لنگهيس تہ ڏٺم هڪ شخص ان جي قبر تي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري رهيو آهي- پوءِ ائين ٿيو جو ان شخص "احمد بن طولون" جي قبر تي اچڻ ڇڏي ڏنو- ڪافي عرصي بعد منهنجي ان سان ملاقات ٿي تہ مون پڇا ڪئي: ڇا تون اهو ئي شخص نہ آهين جيڪو "احمدبن طولون" جي قبر وٽ قرآن پاڪ پڙهندو هئين؟ تہ هو چوڻ لڳو: اوهان درست فرمايو، مان ئي ابن طولون جي قبر وٽ قرآن پڙهندو هئس ڇوتہ هو اسان جو حاڪم هو ۽ عدل وانصاف جي معاملي ۾ مشهور(Famous) هو تنهنڪري مون هن ڳالھ کي پسند ڪيو تہ ان جي لاءِ ايصالِ ثواب ڪيان ۽ هن نِيت سان مون ان جي قبر وٽ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ شروع ڪري ڏني- حضرت سَيدُنا محمد بن علي** رَحۡمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه **فرمائن ٿا، مون ان شخص ڪان**

پڇيو: پر هاڻي توهان اتي تلاوت ڇو نٿا ڪيو؟ هو شخص چوڻ لڳو: هڪ رات مون خواب ۾ ”احمد بن طولون“ کي ڏٺو، ان مون کي چيائين: توهان منهنجي قبر تي قرآن جي تلاوت نہ ڪريو- مون چيو: اوهان مون کي تلاوتِ قرآن کان ڇو منع ڪري رهيا آهيو؟ ان جواب ڏنو: جڏهن بہ توهان قرآنِ مجيد جي ڪا آيت تلاوت ڪندا آهيو تہ مون کي مٿي تي زور دار چوٽ هنئي ويندي آهي ۽ چيو ويندو آهي: ڇا تو دنيا ۾ اها آيت نہ ٻڌي هئي؟ تنهنڪري ان خواب کان بعد مون ”احمد بن طولون“ جي قبر تي تلاوت ڪرڻ ڇڏي ڏنو-

(عيون الحكايات ،ص٢٠٣)

## قرآن تي عمل نہ ڪرڻ جي سزا

بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين کان منقول آهي: بعض اوقات ٻانهو هڪ سورت شروع ڪندو آهي تہ ان کي پوري پڙهڻ تائين ملائڪ ان جي لاءِ رحمت جي دعا ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ٻانهو هڪ سورت شروع ڪندو آهي تہ ان کي پوري پڙهڻ تائين ملائڪ ان تي لعنت موڪليندا آهن- عرض ڪيو ويو: ائين ڇو؟ فرمايائون: جڏهن هو ان جي حلال کي حلال ۽ حرام کي حرام سمجهندو آهي تہ ملائڪ ان جي لاءِ رحمت جي دعا ڪندا آهن نہ تہ لعنت موڪليندا آهن-

(احياء العلوم،كتاب آداب تلاوة القرآن،١/٣٦٥)

## قرآن تي عمل نہ ڪرڻ وارا

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَرﷺ جن ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن قرآن کي هڪ شخص جي صورت عطا ڪئي ويندي، پوءِ ان کي هڪ اهڙي شخص وٽ آندو ويندو جيڪو قرآن جو عالم هئڻ جي باوجود ان جي حڪم جي مخالفت ڪندو رهيو، قرآن ان جي مخالفت ڪندي چوندو: اي منهنجا رب! هن منهنجو علم حاصل ڪيو پر اهو نهايت بُرو عالم آهي، هن منهنجي حدود جي خلاف ورزي ڪئي، منهنجي فرضن کي ضائع ڪيو، منهنجي نافرماني ۾ لڳو رهيو ۽ منهنجي اطاعت کي ڇڏي ڏنو- قرآن ان تي دلائل سان گڏ الزام لڳائيندو رهندو ايستائين جو چيو ويندو: هن جي باري ۾ تنهنجو معاملو تنهنجي حوالي آهي- قرآن ان جو هٿ پڪڙي وٺي ويندو ايستائين جو ان کي جهنم ۾ هڪ چٽان تي منهن ڀر ڪِرائي ڇڏيندو-

(مصنف ابن ابي شيبه، ڪتاب فضائل القرآن، من قال: يشفع القرآن... الخ، ١٦٩/٧، حديث:١ملتقطاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ڏٺو وجو! بيان ڪيل حديثن مطابق جيڪي ماڻهو قرآن جي پاسداري نٿا ڪن، قرآنِ پاڪ بروزِ قيامت الله ڪريم جي بارگاهه ۾ اهڙن ماڻهن جي شڪايت (Complain) ڪندو، جيڪي ماڻهو قرآن جي حلال ۽ حرام تي عمل نٿا ڪن اهي ملائڪن جي لعنت جا حقدار ٿيندا آهن- الله پاڪ اسان کي قرآنِ ڪريم جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان کي قبر ۽ حشر جي عذاب کان محفوظ رکي، دين ۽ دنيا ۾ عافيت ۽ ڪرم وارو معاملو فرمائي، قرآنِ حڪيم کي اسان جي لاءِ نجات

جو ذريعو بڻائي ۽ ان جي برڪت سان اسان کان هميشہ راضي رهي-

میں جھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نکالوں　　اللہ مرض سے تو گناہوں کے شفا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! 　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! قرآنِ پاڪ کي بهتر طريقي سان سمجهڻ، ان جي احڪامن جي باري ۾ ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل تفسير ''صِراطُ الجنان'' مان روزانو ترجمو ۽ تفسير ٻُڌڻ يا ٻڌائڻ يا وري اِنفرادي طور تي پڙهڻ جي عادت بڻايو ۽ ثواب جو وڏو خزانو گڏ ڪريو- اچو! تفسير صراط الجنان جون ڪجھ نمايا خاصيتون (Qualities) ٻڌو:

## "تفسير صراط الجنان"جو تعارف

(1) تفسير صِراطُ الجنان ۾ هر آيت جا 2 ترجما ڏنا ويا آهن، هڪ اعليٰ حضرت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪنزالايمان مان، ٻيو ترجمو آسان اُردو ۾ ڪنزُالعرفان جي نالي سان- (2) تفسير صِراطُ الجنان ۾ قابلِ اعتماد علماءِ ڪرام جي قديم ۽ جديد قرآني تفسيرن ۽ ٻين اسلامي عُلومن تي لکيل ڪتابن، خاص ڪري اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي لکيل ڪثير ڪتابن مان ڪلام اَخذ ڪري آسان انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي-(3) تفسير صِراطُ الجنان نہ وڌيڪ ڊگهو آهي نہ ئي نهايت مختصر، بلڪ متوسط

۽ جامع آهي- (5) تفسير صِراطُ الجنان ۾ وس آهر آسان انداز اختيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن عام ماڻهو بہ هن مان فائدو حاصل ڪري سگهن-(6) تفسير صِراطُ الجنان ۾ اعمال جي اِصلاح جي لاءِ مُعاشرتي بُرائين جو تذڪرو ۽ معاشرتي برائين جا عذاب بيان ڪيا ويا آهن-(7) تفسير صِراطُ الجنان ۾ باطني بيمارين جي باري ۾ بہ تفصيل سان ڪلام ڪيو ويو آهي-(9) تفسير صِراطُ الجنان ۾ والدين، رِشتيدارن، يتيمن، پاڙيسرين وغيره سان سٺو سلوڪ ڪرڻ ۽ صِلہ رحمي ڪرڻ جي باري ۾ بہ اِصلاحي مواد موجود آهي- (10) تفسير صِراطُ الجنان ۾ عقائدِ اهلسنّت ۽ معمولاتِ اهلسنّت جي دلائل سان وضاحت ڪئي وئي آهي- اوهان بہ نيت ڪريو تہ روزانو گهٽ مان گهٽ ٽي آيتون ترجمي ۽ تفسير سان "صراط الجنان" جو مطالعو ڪنديون سين ۽ قرآنِ پاڪ جي تعليمات تي نہ صرف پاڻ عمل ڪنديون سين بلڪ ٻين اسلامي ڀينرن کي بہ ترغيب ڏياريندين سين- اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

| | |
|---|---|
| یہی ہے آرزو تعلیم قرآن عام ہوجائے | ہر اک پرچم سے اونچا پرچم اسلام ہوجائے |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس "مدرسة المدينہ"

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! قرآنِ پاڪ جي تعليم عام ڪرڻ، نيڪ ماڻهن جي صحبت ماڻڻ، احڪامِ قرآن تي عمل ڪرڻ جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي وڃو- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 104 شعبن ۾ دينِ متين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، جنهن مان هڪ شعبو "مجلس مدرسة المدينہ" به آهي- هن مجلس (Depart) جي ڪوشش سان مُلڪ ۽ بيرونِ ملڪ حفظ ۽ ناظره جا هزارين مدارِس بنام ''مدرسة المدينہ'' (للبنين ۽ للبنات، جزوقتي، رهائشي) قائم آهن- دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينہ مان اڄا تائين مجموعي طور تي تقريبًا 74329 (چوهتّر هزار ٽي سو اُوڻٽيهه) مدني منّا ۽ مدني منّيون قراٰنِ ڪريم حفظ ڪرڻ جي سعادت ماڻي چڪا آهن، جڏهن ته ناظره مڪمل ڪرڻ وارن جو تعداد ڪم و بيش215822 (ٻه لک پندرهن هزار اٺ سو ٻاويهه) آهي- هاڻي تائين ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ مدرسة المدينہ(للبنين وللبنات) جو تعداد ڪم وبيش 2761 (ٻه هزار ست سو ايڪهٺ) آهي، ۽ انهن ۾ تقريباً 128413 (هڪ لک اناويهه هزار چار سو تيرهن) مَدَني مُنّن ۽ مَدَني مُنّين کي حفظ ۽ ناظِره جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي-

اوهان به پنهنجن مدني منن ۽ منين کي مدرسة المدينہ ۾ داخلا ڏياريو ۽ پاڻ به مدرسة المدينہ بالغات ۾ شرڪت جي نيت ڪريو اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ ان جو ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!

اڄ جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ اسان ٻڌو تہ

* قرآنِ پاڪ ۾ اسلام جي فرضن جي ادائيگي جو حڪم ڏنو ويو آهي-
* قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سان آفتون، مصيبتون ختم ٿينديون آهن-
* قرآنِ پاڪ جي احڪامن تي عمل ڪرڻ سان جنت ۾ داخلو نصيب ٿيندو-
* قرآنِ پاڪ تي عمل نہ ڪرڻ وارا دنيا ۽ آخرت ۾ ذليل ۽ رسوا ٿيندا آهن-
* قرآنِ پاڪ ۾ آئنده ٿيندڙ واقعن جون خبرون بہ موجود آهن-
* قرآنِ پاڪ ۾ نيڪ ماڻهن جي لاءِ نصيحت ۽ هدايت آهي-
* قرآنِ پاڪ ۾ اڳوڻين امتن جا واقعا بيان ڪيا ويا آهن-

الله پاڪ اسان کي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ هن ۾ موجود احڪامن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي- آمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت،

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيء جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تلاوت ڪرڻ جون سُنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! تلاوت جون سنتون ۽ آداب جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا- پهريان 2 فرمان مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪريو- (1) فرمايائون: قرآن پڙهو ڇوتہ اهو قيامت جي ڏينهن پنهنجي اصحاب جي لاءِ شفيع (شفاعت ڪرڻ وارو) ٿي ايندو- (مسلم ، كتاب صلاة المسافرين وقصرها، باب فضل قراء ة القرآن وسورة البقرة، ص٣١٤، حديث:١٨٧٤) (2) فرمايائون: منهنجي اُمَّت جي افضل عبادت تلاوتِ قرآن آهي. (شعب الايمان للبيهقي، باب في تعظيم القرآن، فصل في ارمان تلاوته، دون اللفظ''تلاوة'' ٣٥٤/٢،حديث:٢٠٢٢)☆قرآنِ پاڪ کي سٺي آواز سان ۽ رکي رکي پڙهڻ سنت آهي-(احياء العلوم،٨٤٣/١) ☆مستحب هي آهي تہ باوضو قبلي ڏانهن منهن ڪري سنا ڪپڙا پائي تلاوت ڪري- (بهار شريعت،جلد١، حصه٣، ص٥٥٠)☆تلاوت جي شروع ۾ ''اَعُوْذُ'' پڙهڻ مستحب آهي ۽ سورت جي ابتداء ۾ ''بِسْمِ الله'' پڙهڻ سنت آهي نہ تہ مستحب آهي-(صراط الجنان،٢١/١)☆قرآن

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

مجيد ڏسي پڙهڻ زباني پڙهڻ کان افضل آهي- (صراط الجنان،۱/۲۱) ★ قرآن پاڪ ڏسي تلاوت ڪرڻ تي ٻه هزار نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ زباني پڙهڻ تي هڪ هزار-(کنزالعمال،کتاب الاذکار،قسم الاقوال،الباب في تلاوةالقرآن الخ رقم۲۳۰۱،ج۱،ص۲٦۰ملخصاً) ★قرآنِ ڪريم جي تلاوت وقت روئڻ مستحب آهي- (صراط الجنان ، ۵/۵۲٦) ★ جڏهن بلند آواز سان قرآن مجيد پڙهيو وڃي ته تمام حاضرين تي ٻڌڻ فرض آهي، جڏهن ته اهو مجمع قرآنِ مجيد ٻڌڻ جي غرض سان حاضر هجي نه ته هڪ جو ٻڌڻ ڪافي آهي توڙي جو باقي ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ مصروف هجن- (صراط الجنان،۱/۲۲)★مجمعي ۾ سيئي ماڻهو بلند آواز سان پڙهن اهو حرام آهي جيڪڏهن ڪجهه شخص پڙهڻ وارا هجن ته حڪم آهي ته آهسته پڙهن. (صراط الجنان،۱/۲۲)★ ٽي ڏينهن کان گهٽ ۾ قرآن ڪريم ختم نه ڪري بلڪ گهٽ مان گهٽ ست ڏينهن يا چاليهه ڏينهن ۾ قرآن ڪريم ختم ڪري ته جيئن معنيٰ و مطلب کي سمجهي تلاوت ڪري- (عجائب القرآن ،ص۲۳۸)★ترتيل سان اطمينان سان ۽ رکي رکي تلاوت ڪري-(عجائب القرآن ،ص۲۳۸)☆ تلاوت جي لاءِ سڀ کان افضل وقت سڄي سال ۾ رمضان شريف جا آخري ڏهه ڏينهن ۽ ذوالحجه جا شروعاتي ڏهه ڏينهن آهن -(عجائب القرآن ،ص۲۳۹)☆ رات ۾ تلاوت جو بهترين وقت مغرب ۽ عشاء جي وچ وارو آهي ۽ ان کان پوءِ اڌ رات کان بعد ۽ ڏينهن ۾ سڀ کان بهترين صبح جو وقت آهي- (عجائب القرآن ،ص۲۳۹)☆غسل خانو ۽ نجاست جي هنڌن ۾ قرآن شريف پڙهڻ ناجائز آهي-(جنتي زيور ، ص۳۰۰)★ رات جي وقت تلاوت جي ڪثرت ڪري ڇوته ان وقت ذهن پرسڪون ۽ دل مطمئن هوندو آهي- (عجائب القرآن ،ص۲۳۹)★بازارن ۽ ڪارخانن ۾ جتي ماڻهو ڪم ۾ لڳل هجن زور سان قرآن شريف پڙهڻ ناجائز آهي-(جنتي زيور ،ص۳۰۱)★ جيڪو شخص غلط پڙهندو هجي ته

بڻڻ واري تي واجب آهي تہ بڏائي ڇڏي، بشرط هي تہ بڏائڻ سبب ڪينو ۽ حسد پيدا نہ ٿئي-(صراط الجنان،۱/۲۲)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"سنتيں۽آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## (اعلانات)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي هن وقت دنيا جي 200 کان وڌيڪ ملڪن ۾ تقريبا 100 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي دينِ اسلام جي خدمت لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. انهن شعبن مان امت جي شرعي رهنمائي جي لاءِ دارالافتاء اهلسنت، عالم ۽ مفتي بڻائڻ جي لاءِ جامعة المدينہ (للبنين ۽ للبنات) قرآنِ پاڪ جي تعليم عام ڪرڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ (للبنين وللبنات، جزوقتي،رهائشي،آن لائن،بالغان) قيدين جي لاءِ مجلسِ اصلاح براءِ قيديان، معاشري جي ڌڪاريل طبقي يعني گونگن ٻوڙن ۽ انڌن جي لاءِ مجلس"خصوصي اسلامي ڀائر" امت جي عقائد ۽ عملن جي اصلاح جي خاطر مستند ڪتاب ۽ رسالا لکڻ جي لاءِ مدني عالمن تي مشتمل "مجلس المدينة العلميہ" معياري تقاضن جي مطابق ڇاپڻ جي لاءِ "مڪتبة المدينہ" ۽ وري دنيا جي مختلف زبانن ۾ ترجمي جي لاءِ "مجلس translation) تراجم" اليڪٽرونڪ ميڊيا ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي ڦهلجڻ واري فحاشي ۽ عرياني جي سيلاب جي اڳيان مظبوط بند ٻڌڻ وڌيڪ اسلام جي دشمنن جي مذموم مقصدن جو مؤثر جواب ڏيڻ ۽ اسلام جي حقيقي تعليمات کي روشناس ڪرائڻ جي لاءِ "مدني چينل" دعوت اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) مصروفِ عمل آهي. مبلغن ۽ I.T مجلس آئي ٽي مدني قافلَن وغيره جي ذريعي سڄي دنيا جي مسلمانن کي قرآن ۽ سنت جو پيغام پهچائڻ جي لاءِ "مجلس بيرونِ ملڪ" وغيره وغيره شعبا دعوت اسلامي

جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي تحت رات ڏينهن ڪوشش ڪري رهيا آهن. جهڙي طرح جسم جا سمورا عضو افاديت ۽ اهميت ۾ پنهنجي مثال پاڻ آهن، بلڪل ائين ئي دعوت اسلامي جي انهن شعبن مان هر هڪ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، الغرض جنهن تحريڪ جو ٻج 1981ء ۾ دعوت اسلامي جي نالي سان لڳايو ويو، اڄ اهو ڪم و پيش 103 کان وڌيڪ مظبوط ڏارين وارو ڇانو ڪندڙ، پاڙ هٽندڙ ۽ ميوو ڏيندڙ وڻ تي چڪو آهي جنهن جو ثاريون 200 کان وڌيڪ ملڪن ۾ ڦهلجي ويون آهن يقينا انهن مدني ڪمن جي لاءِ تمام گهڻي رقم جي ضرورت هوندي آهي.

پياريون اسلامي ڀينرون! رجب المرجب شعبان المعظم ۽ رمضان المبارڪ ۾ مدني عطيات گڏ ڪرڻ جو بهترين موقعو هوندو آهي تنهنڪري اڄ ئي کان ڀرپور ڪوشش ڪري تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ"دعوت اسلامي" جي مدني ڪمن جي لاءِ پنهنجي زڪوٰة، فطرو، مدني عطيات، صدقات ۽ خيرات وغيره ڏيڻ سان گڏوگڏ ٻين اسلامي ڀينرن کان ٻه جمع ڪرڻ جي ترڪيب ٺاهيون ته جيئن اسان جا مدني ڪم پورا ٿي سگهن، چندو موجوده دور جي سخت ضرورت آهي جيئن پياري آقا، ٻن جهانن جي داتا، محبوبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ غيب نشان آهي، "آخري زماني ۾ دين جو ڪم ٻه درهم ۽ دينار سان هلندو" (المعجم الكبير، ج 20ص 279،حديث 660، دار احياء التراث العربي بيروت)

ڪجهه اسلامي ڀينرون مدني عطيات گڏ ڪرڻ ۾ جهجڪ محسوس ڪنديون آهن حالانڪ دين جي سر بلندي جي لاءِ چندو گڏ ڪرڻ پياري آقا محمدِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت مان ثابت آهي. غزوه تبوڪ، مسجد نبوي شريف علىٰ صاحبها الصلوٰة والسلام جي تعمير، بيرِ رومہ جي خريداي وغيره جي موقعن تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي

پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻه همت ڪيو، جهڪ ختم ڪيو ۽ سنتن کي زنده ڪرڻ جي لاءِ خوب خوب مدني عطيات گڏ ڪيو.

ترغيب طور هڪ حديث مبارڪ ملاحظه ڪيو: حضرت رافع بن خديج رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى

عَنۡهُ کان مروي آهي، فرمائن ٿا: مون حضوراکرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ حق جي مطابق صدقو وصول ڪرڻ وارو پنهنجي گهر موٽڻ تائين اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ واري غازي وانگر آهي."(سنن ابو دؤد كتاب الخراج والامارت الحديث3629 ج 3 ص 235)

تنهنڪري پياريون اسلامي ڀينرون! اسان کي گهرجي ته مدني عطيات جمع ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي رشتيدارن ۽ پاڙيوارين تي انفرادي ڪوشش شروع ڪري ڇڏيون. جيڪي خوش نصيب اسلامي ڀينرون هن پيري عمرو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ واريون هجن انهن جي وڃڻ کان پهريان ئي انهن تي مدني عطيات جي سلسلي ۾ انفرادي ڪوشش ڪيو. پر اجنبي اسلامي ڀينرن ۽ غير محرم تي هرگز انفرادي ڪوشش نه ڪئي وڃي. ان جي علاوه جتي جتي اوهان غسلِ ميت ۽ اجتماعِ ذڪر ۽ نعت جي لاءِ وڃي چڪيون آهيو انهن کان به رابطو ڪري انهن تي انفرادي ڪوشش ڪيو. جو صرف چوڻ سان به اسان دعوت اسلامي کي تمام گهڻو فائدو پهچائي سگهون ٿيون.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مرشد جي توجه سان اسان کي هن عظيم مدني ڪم جي سعادت ملي رهي آهي ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان شيطان جي مڪر ۽ فريب ۾ اچي جيڪڏهن ڪا ناداني ڪري ويهيون ۽ ڪا معمولي بي احتياطي اسان کي الله جي رحمت سان پري نه ڪري ڇڏي انهيءَ ڪري ايمانداري کي پنهنجو شعار بڻايون جو حضرت سيدنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو: "ڪنهن شخص جي نماز ۽ روزي کان ڌوڪي ۾ نه اچجو جيڪو چاهي نماز پڙهي ۽ جيڪو چاهي روزا رکي پر جيڪو امانت دار نه آهي اهو دينددار نه آهي."(شعب الايمان)

ياد رهي! جو عفو و درگزر پنهنجي ذات جي حق تلف ٿيڻ تي ٿيندو آهي پر اهڙي غلطي جنهن ۾دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جو يا مدني عطيات وغيره جو نقصان ٿئي جيئن عطيات ۾ گهٽ وڌ ڪري ڇڏيو ته هاڻي هتي ڪنهن سان معافي گهري ويندي چو ته عطيات ڪنهن نگران جي ملڪ ته ناهن هوندا پوءِ هي نگران ڪيئن معاف ڪري سگهي ٿو؟ ۽ جيڪڏهن الله نه ڪري ڪڏهن نقصان ٿيو ته توبهه به ڪرڻي پوندي ۽ گهٽ وڌ واري رقم پنهنجي مال مان ادا

بہ ڪرڻي پوندي.

**حضرت عدي بن عمير** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ **کان مروي آهي، فرمائن ٿا: حضورِاڪرم** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمايو: اسان توهان مان جنهن کي ڪنهن ڪم تي عامل بڻايون پوءِ اهو اسان کان سوئي يا ان کان بہ ننڍري شيءِ لڪائي تہ اها خيانت آهي، جنهن کي قيامت جي ڏينهن آڻيندو.“**

**هن حديث جي شرح ۾ حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه **فرمائن ٿا: يعني خيانت ننڍي هجي يا وڏي قيامت ۾ سزا ۽ رسوائي جو باعث آهي خاص طور جيڪا خيانت زڪوٰة وغيره ۾ ڪئي وڃي ڇو تہ اها عبادت ۾ خيانت آهي ۽ ان ۾ اللّٰه جو حق مارڻ آهي ۽ فقيرن کي انهن جي حق کان محروم ڪرڻ، رب تعاليٰ فرمائي ٿو.**

**وَمَنۡ يَّغۡلُلۡ يَاۡ تِ بِمَا غَلَّ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ** ترجمو ڪنزالايمان: **۽ جيڪو بہ ڪجھ لڪائي رکندو سو قيامت ڏينهن پنهنجي لڪايل شيءِ کڻي ايندو.**(آلِ عمران آيت161) (مرآة المناجيح شرح مشڪوٰة المصابيح ج 3،ص 15)

**تنهنڪري اڇو! ملي ڪري سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿيون تہ اسان کي جنهن طرح جا بہ مدني عطيات، زڪوٰة فطره ۽ صدقو وغيره جيڪو ڪجھ ملندو اهو امانداري سان پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ تائين پهچائينديون سين ۽ ڪنهن بہ طرح جي حيلي سان ڪم نہ وٺنديون سين ان لاءِ بهتر آهي تہ سيئي اسلامي ڀينرون شيخ طريقت امير اهلسنت** دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ **جو ڪتاب ”چندي جي باري ۾ سوال جواب “ ۽ ڪتاب ”چندي جون شرعي احتياطون“ ضرور پڙهو. ان جي علاوه مدني مذاڪرا 73،72،71 بہ ضرور ٻڌو.**

**مدني عطيات وٺڻ جي حوالي سان هي مدني گل توجہ سان سماعت ڪيو تہ ڪيش جي صورت ۾ وصول ڪيا ويندڙ مدني عطيات هٿ و هٿ چيڪ ڪري وٺو اهڙا نوٽ جيڪي بند ٿي چڪا هجن يا اهڙي ڪنديشن وارا نوٽ يعني(ڦاٽل نوٽ) جيڪي بئنڪ بہ نہ وٺندي هجي ان کي عطيات وٺڻ ۾ احتياط ڪيو.**

**دعاءِ عطار آهي تہ : ”جيڪو مدني عطيات جي لاءِ گهٽي ۾ ٻڪ ڪري يا اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **ان کي ان وقت تائين موت نہ ڏيجانءِ جيستائين اهو مدينو نہ ڏسي وٺي.“**

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **اسان کي اخلاص سان گڏ عين شرعي احڪامات جي مطابق مدني**

عطيات جمع ڪرڻ ۽ انهيء وقت پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جي توفيق عطا فرمائي.(آمين)

(2) مراۃ المناجيح جلد 3 صفحو نمبر44 تي اچي ٿو تہ: مومن ٻانهي جو روزو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ لٽڪيل رهندو آهي جيستائين صدقہ فطر ادا نہ ڪيو وڃي. حضرت ابوسعيد خُدري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ ”اسان صدقہ فطر هڪ صاع ڪڻڪ، هڪ صاع جَو، يا هڪ صاع پنير، يا هڪ صاع ڪشمش ڪيندا هئاسين“

صدقہ فطر جون مختلف مقدارون سماعت ڪيو: 3840 گرام ڪشمش يا جَو شريف يا ڪجور يا ان جي رقم 1920 گرام(2 ڪلن مان 80 گرام گهٽ) ڪڻڪ يا ان جي رقم (انهن چئني مان ڪنهن بہ هڪ مقدار جي مطابق صدقہ فطر ادا ڪري سگهجي ٿو)

ياد رهي! هر ملڪ بلڪ شهر ۾ هنن شين جي قيمت ۾ فرق هوندو آهي ۽ وقت بہ وقت انهن قيمتن ۾ تبديليون بہ ٿينديون آهن. تنهنڪري پنهنجي پنهنجي شهر ۾ موجوده قيمتن جي مطابق حساب لڳائڻو پوندو. هڪ شهر ۾ رهڻ وارا ٻي شهر جي قيمتن جي مطابق حساب نہ لڳائن. جن خوش نصيبن کي الله تعالي وڏيڪ مال ۽ دولت سان نوازيو آهي انهن کي گهرجي تہ اهي پنهنجي معيارِ زندگي جي مطابق فطرو ادا ڪن ۽ بارگاهہ الٰهي عَزَّوَجَلَّ مان گهڻو ثواب ماڻن اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ

سيئي ذميدار اسلامي ڀينرون هي نيت ڪن تہ ماهِ رمضان جي برڪتن کي ماڻڻ جي لاءِ بہ اهم مدني ڪم تربيتي حلقو ۽ هفتہ وارا مدني دوري ۾ لازمي شرڪت ڪنديون سين

سيئي اسلامي ڀينرون نيت فرمائن تہ هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪنديون سين جيڪڏهن اسان پابندي سان هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾شرڪت ڪنديون سين تہ سنيون سنيون ڳالهيون سڪنديون رهنديون سين اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ

سيئي اسلامي ڀينرون هي پمفلٽ”ماهِ رمضان ۾ گناهہ ڪرڻ واري جي قبر جو ڀيانڪ منظر“ مڪتبة المدينہ کان وڏيڪ تعداد ۾ نہ تہ گهٽ مان گهٽ 12 يا

حسبِ توفيق خريد ڪري تقسيم فرمايو۽ پنهنجي گهر ۾ ظاهري جڳهه تي لڳايو. هن جي برڪت سان گناهن ڪان بچڻ جو ذهن بڻجندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ماهِ رمضان المبارڪ ۾ شيخ طريقت اميراهلسنت بعدِ نماز عصر ۽ تراويح ڪان پوءِ مدني مذاڪري جي لاءِ وقت عطا فرمائيندا آهن جيڪو مدني چينل تي براءِ راست ڏيڪاريو ويندو آهي سيني اسلامي ڀينرن کي التجاء آهي تہ لازمي هنن ٻنهي مدني مذاڪرن ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن بلڪ گهر جي ٻين ڀاتين کي بہ اهتمام سان هنن مدني مذاڪرن کي ڏيڪارڻ جي ترڪيب بڻائن. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ علم ۽ حڪمت جا بيشمار موتي ملندا.